اميراهلسنت ڪان

# زال مڙس

## جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: امير اهلسنت کان زال مڙس جي باري ۾ سوال جواب
ڇاپو پهريون: جمادي الآخر جنوري 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـاني ءِ دعوت اسـلامي، حضـرت عـلام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو رسالو

# اميراهلسنت کان زال مڙس جي باري ۾ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213
Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميراهلسنت کان زال مڙس جي باري ۾ سوال جواب

## درود شريف جي فضيلت

جنهن کي کا مشکل پيش اچي ان کي مون تي کثرت سان درود پڙهڻ گهرجي، ڇو تہ مون تي کثرت سان درود پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي. (القول البديع ،ص 414،بستان الواعظين ص274)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ گهرواريءَ جو واقعو

**سوال**: نيڪ گهرَ واري جو ڪو واقعو ٻڌائجو

**جواب:** حضرت طلحہ بن عبيدالله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ صحابي رسول هئا هڪ پيري رات جي وقت ان وٽ يمن شريف جي شهر حَضرمَوت کان ست لک درهم آيا. رقم حاصل کندي هُو پريشان ٿي ويو گهر واريءَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا عرض ڪيو: اڄ توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ فرمايائون: مونکي هن فڪر اچي ورائي ورتو آهي تہ جنهن ٻانهي جون راتيون الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عبادت کندي گذرنديون هجن، گهر ۾ ايتري قدر مال جي موجودگي ۾ اڄ اُن پروردگار جي دربار ۾ ڪيئن حاضر ٿيندو؟ زوجه محترمہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا نهايت ادب سان عرض ڪيو:”هن ۾ پريشاني جي کهڙي ڳالھ آهي؟ اوهان پنهنجي نادار

يعني غريب دوستن کي چو ويساري رهيا آهيو؟ صبح ٿيندي ئي انهن کي سڏي اهو سڄو مال اُنهن ۾ تقسيم ڪرڻ جي نيت فرمايو ۽ هن وقت وڏي اطمينان سان ربّ ڪريم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي وڃو.“ نيڪ سيرت اهليه (wife) جي ڳالهہ ٻڌي ڪري پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي دل خوشي مان جهومي اُٿي ۽ ارشاد فرمايائين: واقعي تون نيڪ پيءُ جي نيڪ نياڻي آهين. جيئن تہ صبح ٿيندي ئي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ مهاجرن ۽ انصارن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ سڄو مال تقسيم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.[1]

الله اڪبر! اسان جي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جون سخاوتون اهڙيون هيون. اسان وٽ پئسا اچي وڃن تہ خوشي وچان ٻي چين ٿي وڃون، جڏهن تہ انهن حضرات وٽ جڏهن دولت ايندي هئي تہ صدمي وچان انهن جي حالت مضطرب ٿي ويندي هئي تہ اها دولت ڪٿان ڪان اچي لٿي؟ هاڻي مان هن جو ڇا ڪريان؟

حضرت طلحہ بن عبيد الله رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي. ۽ سندن زوجہ محترمہ جي ماشاءَ الله ڪيڏي نيڪ خاتون هئي اهو ڏؤر ئي نيڪين جو هو. (ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنت، قسط:8)

هر صحابي نبي.............................جنّتي جنّتي

سيئي صحابيات بي ......................جنّتي جنتي

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] (1) حضرت طلحہ بن عبيد الله رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي هن زوجہ محترمہ جو نالو امّ ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْہَا آهي،جيڪا امير مومنين حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نياڻي هئي.
(سير اعلام النبلاء(19/3 الرقم 7 ملتقطا)

## ڇا زال مڙس جنت ۾ گڏ هوندا؟

**سوال**: ڇا زال مڙس ٻئي جنت ۾ گڏ رهندا؟

**جواب:** جي ها! جيڪڏهن زال مڙس جو خاتمو ايمان تي ٿيو ته اِهي ٻئي جنت ۾ گڏ رهندا. (التذكرة باحوال الموتى وامور الاخرة ، ص 462) جيڪڏهن انهن مان ڪنهن جو معاذَاللهُ ايمان سلامت نه رهيو ته دوزخ ان جو ٺڪاڻو ٿيندو ۽ جيڪو جنت ۾ ويندو ان جو ٻئي جنتي سان نڪاح ٿي ويندو. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:8)

## پنهنجي زال سان سٺو سلوڪ ڪريو؟

**سوال**: جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال سان نرمي ڪري ٿو ته ماڻهو چون ٿا تون "رنَ مُرِيدُ" ٿي ويو آهين هن جو حل ڇا آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪو شخص خوف خدا جي باعث پنهنجي گهرَ واريءَ سان خوش اخلاقي سان پيش اچي ٿو يا ان سان نرم برتاءُ ڪري ٿو ۽ ماڻهو ان کي "رنَ مُرِيدُ" هجڻ جو طعنو ڏين ٿا ته يقيناً هي ان جي دل آزاري جو سبب ٿيندو پر ان مڙس کي کپي ته سندس گهر واريءَ سان حسن سلوڪ جاري رکي ماڻهن جي چوڻ تي دل برداشته نه ٿئي ۽ هرگز پنهنجي رويي ۾ تبديلي نه آڻي بلڪ وڌيڪ نرمي سان پيش اچي. دور حاضر ۾ ماڻهن جا انداز صفا بدلجي چڪا آهن خصوصاً پنهنجي زال سان انهن جو رويو انتهائي خراب ٿيندو پيو وڃي اُن جي باوجود اهي ماڻهو پنهنجي گهر واريءَ کان معافي گهرڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهن ٿا حالانڪ زال تي ظلم ڪيو هجي ته معافي گهرڻ واجب آهي. انهن کي گهرجي ته

سندن گهرواريءَ کان معافي تلافي ڪندا رهن. هي ضروري ناهي تہ ظلم ڪيو هوندو تڏهن ئي معافي ورتي ويندي بلڪ احتياطي معافي گهري وڃي تڏهن بہ حرج ناهي بلڪ احتياطي معافي وٺڻ زال مڙس جي وچ ۾ محبت ۾ واڌاري جو سبب آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! منهنجو معمول آهي مان احتياطي معافي گهرندو رهندو آهيان جيئن ڪا وڏي رات يا وڏو ڏينهن ايندو آهي تہ معافي تلافي جي ترڪيب ناهي وننڊو آهيان ۽ ان سان هرگز ڪنهن جي شان ۾ ڪمي ناهي ايندي ۽ نہ ئي ڪنهن جي عزت گهٽ ٿيندي آهي.

(ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:11)

**سوال**: ڇا زال مڙس جي اوبر ڪيل چانھ پي سگهي ٿي؟

**جواب:** ٻئي هڪٻئي جي اوبر پي سگهن ٿا. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:26)

**سوال**: اڄڪلھ گهرن ۾ انٽرنيٽ سوشل ميڊيا جي گهڻي استعمال جي ڪري زال مڙس ۾ طرح طرح جا مسئلا بلڪ طلاق تائين پهچي وڃڻ جا اطلاعَ آهن، ڪو حل ارشاد فرمايو؟ (نگران شوريٰ جي سوال جو خلاصو)

**جواب:** اِنٽرنيٽ جي بيجا استعمال ۾ پنهنجي ۽ گهر جي بربادي آهي لهٰذا گهر هلائڻ لاءِ زال مڙس ڪي هن جي گهڻي استعمال کان بچڻو پوندو. جيڪڏهن زال نيٽ استعمال ڪري رهي هجي ۽ انهيءَ وقت مڙس ان کي چئي تہ مونکي چانھ ناهي ڏي تہ ان کي گهرجي تہ لبّيڪ چوندي اٿي ۽ هٿوهٿ چانھ ناهي ڪري پيش ڪري جيڪڏهن ان وقت نہ اٿندي تہ گهر ڪيئن هلندو زال کي مڙس جي اطاعت ڪرڻ گهرجي چوتہ قرآن مجيد ۾ آهي.

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ (پ5، النساء:34)

ترجموڪنزالعرفان: مرد عورتن تي نگهبان آهن

جيڪڏهن زال مڙس جي اطاعت نہ ڪندي تہ پاڻ ۾ ويڙهاند ٿيندي رهندي عورت منهن تي جواب ڏيندي تہ پوءِ دنيا سان گڏوگڏ آخرت بہ تباهہ ٿيندي. هر فريق سامهون واري جون غلطيون ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪوڙ، غيبت، تهمت ۽ گناهن جا دروازا کلندا مثال طور زال چوندي تہ مونکي ماري ماري ظلم ڪندو هو ڪاڏو ۽ خرچي ڪو نہ ڏيندو هو. جواب ۾ مڙس جي پاران بہ الزامن جي بوڇاڙ هوندي ۽ جنگ جو نتيجو معاذالله طلاق يا جدائي تي ٿيندو بس الله پاڪ مسلمانن تي رحم فرمائي. (ملفوظاتِ اميراہلِ سنت،قسط:35)

**سوال**: ڪجهہ ماڻهو زال مڙس جي وچ ۾ جدائي وجهرائڻ جي لاءِ عمليات ڪرائيندا آهن تہ جيڪڏهن زال تي هن جادو جا اثرات هجن جنهن جي باعث مڙس جي گهر اچڻ تي ان جو ساهہ بند ٿيڻ لڳي تہ هن مسئلي جو حل ڪيئن ڪجي؟

**جواب:** عمليات ڪرائڻ وارا زال مڙس ۾ جدائي وجهرائڻ جي لاءِ بہ عمليات ڪرائن ٿا پر اها ڳالهہ ڪهڙي طرح ثابت ٿيندي تہ ڪنهن اُن تي ڪجهہ ڪرايو آهي يا فلاڻي رشتيدار ڪرايو آهي؟ ڪجهہ عامل جادو ڪرائڻ واري جي باري ۾ ڪجهہ اشارو ڏئي ڇڏيندا آهن يا اُن جي نالي جو پهريون حرف ٻڌائي ڇڏيندا آهن، هاڻي جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن رشتيدار جو نالو انهي حرف سان شروع ٿيندو هجي تہ اُن جي باري ۾ بدگماني ڪئي ويندي آهي هي ئي جادو ڪرائڻ وارو آهي حالانک اُن ويچاري کي خبر بہ ناهي هوندي، تہ ائين عامل پاڻ ۾ ويڙهائي ڇڏين ٿا. مڙس جي گهر مائي جو ساهہ

منجهي ٿو تہ جيستائين شرعي ثبوت نہ هجي ڪنهن جي باري ۾ اِهو چوڻ مناسب ناهي تہ فلاڻو مائٽ عمل ڪرائي جدائي ڪرائي ٿو. عامل جي چئي چڏڻ ڪي شرعي ثبوت نہ ٿو چئي سگهجي. گهر واري جڏهن بہ مڙس جي گهر ويندي آهي ويچاريءَ جو ساهہ رڪجڻ لڳندو آهي تہ ان جو ڪو بہ سبب ٿئي سگهي ٿو. نفسياتي اثر بہ ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي رهي هجي تہ مڙس جي گهر ويندس تہ منهنجو ساهہ گهٽجندو چوتہ فلاڻي ڏينهن بہ ساهہ گهٽجي ويو هو، حالانڪ هڪ ڀيرو ايئن ٿي وڃڻ هرهر ايئن ٿيڻ جي دليل نہ آهي. ٿئي سگهي ٿو ان ڏينهن ڪٿان ڪان ڏاڪڻ چڙهي ڪري ٿڪل ماندل مڙس جي گهر ويئي هجي جنهن جي ڪري ساهہ ٻوساٽجي ويو هجي ۽ اتفاق سان رڪجڻ لڳي تہ هن واقعي کي دليل ٺاهي هيئن چئي رهي آهي تہ مڙس جي گهر ۾ منهنجو ساهہ گهٽجي ٿو.
ياد رکو! نفسياتي اثر جا وڏا اثرات هوندا آهن ۽ ماڻهو ڪي ائين لڳندو آهي ان سان ئي ائين ٿئي ٿو جڏهن تہ حقيقت ۾ ائين ناهي هوندو. (ملفوظات اميراهلسنت قسط 52)

**سوال**: جيڪڏهن عورت پنهنجي مڙس کان پنج يا ڇهہ مهينا الڳ رهندي هجي تہ ڇا ان سان نڪاح تي ڪو فرق پوندو؟ نيز مڙس جي مرضي جي بغير الڳ رهندي هجي تہ ڇا حڪم آهي ؟

**جواب:** عورت پنهنجي مڙس کان ڌار رهندي هجي تہ ان سان نڪاح تي ڪو بہ فرق ناهي پوندو. پڻ جيڪڏهن عورت مڙس جي مرضي جي بغير الڳ رهندي هجي تہ تڏهن بہ نڪاح ڪونہ ٽٽندو، البتہ گنهگار هئڻ الڳ ڳالهہ آهي. جيڪڏهن مڙس ظلم ڪري ٿو انڪري

الڳ رهي ٿي تہ پوءِ دارالافتاءِ اهلسنت سان رجوع ڪرڻ گهرجي جيئن صورتحال ٻڌائي ڪري طئي ڪري سگهجي تہ اها ڇا جي لاءِ مڙس کان ڌار رهي ٿي؟ پر ان سان نڪاح ڪو نہ ٽٽندو (ملفوظات اميراهلسنت قسط 65)

**سوال**: ڇا زال مڙس کان پهريان بيعت ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** جي ها ڪري سگهي ٿي ان ۾ ڪو حرج ناهي.

(ملفوظات اميراهلسنت قسط 65)

**سوال**: زال ۽ مڙس جي وچ ناچاڪي، بي اتفاقي ۽ لڙائي جهڳڙو ٿي پئي تہ ان جو ڪهڙو حل آهي؟ (ايس ايم ايس جي ذريعي سوال)

**جواب:** تاڙي ٻن هٿن سان وڄندي آهي، جيڪڏهن مڙس کي چئو تہ تون معافي گُهر هو چوندو تہ آئون ڇو گهران؟ هيءَ ڇڙواڳ آهي. جيڪڏهن زال کي چئو تہ توهان معافي گهرو تہ اها چوندي مان ڇو گهران؟ اُن مونکي ايئن چيو هو. انڪري جيڪڏهن ٻئي ٿوري ٿوري نوڙت ڪن تہ مسئلو حل ٿي ويندو البتہ صحيح هي آهي تہ قرآن ڪريم ۾ آهي.

| | |
|---|---|
| اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ (پ5، النساء:34) | ترجموڪنزالعرفان:مرد عورتن تي نگهبان آهن |

تہ مرد عورت تي حاڪم آهن ان ڪري عورت مرد جي اطاعت ڪندي، مرد عورت جي اطاعت نہ ڪندو پر هن جو هي مطلب نہ آهي تہ مرد ظلم ڪندو، مارڪٽ ۽ دڙڪا ڏيندو رهي، ائين ڪونہ هلندو جيڪڏهن مرد ظلم ڪندو تہ ان کي عورت کان معافي گهرڻي پوندي، جيڪڏهن اڙي ڪندو تہ ”آئون عورت کان معافي گهران؟ زال کان معافي گهران؟ آئون گهران؟ ماڻهو ڇا چوندا؟“ تہ هي ياد

رهي تہ جيڪڏهن آخرت ۾ الله پاڪ فرمايو تہ ان کي جهنم ۾ وٺي وڃو تہ پوءِ ڇا ڪندؤ؟ ائين ئي جيڪڏهن عورت زبان درازي ڪندي، ڳالهائيندي ويندي، زبان ڪيندي ۽ ٿانوَ ڀَڃندي تہ پوءِ ان کي معافي وٺڻي پوندي. جنهن بہ ظلم ڪيو هجي انکي معافي سان گڏوگڏ توبهہ بہ ڪرڻي پوندي عام طور تي پاڻ ۾ ذهني اتفاق جو فقدان هوندو آهي جيڪو سالن تائين هلندو رهي ٿو، پوءِ هڪٻئي جي سجاٽپ تي ويندي آهي، ٻار وغيره تي وندا آهن تہ عموماً جهڳڙا وغيره گهٽ تي ويندا آهن.

بهرحال! وڙهڻ نہ ڪپي، گجرات جو پهاڪو آهي تہ”جو نَميُو الله ني گميُو“يعني جيڪو جهڪي ٿو اهو الله کي وڻي ٿو. قصور نہ بہ هجي تہ مرڪندي معافي گهري وٺڻ ڪپي، معافي وٺڻ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن انداز اڙي وارو هوندو آهي. تہ ”اي! معاف ڪرين تي يا نہ؟ ڪيترا پيرا معافي وٺان؟ تنهنجي پيرين پوان؟ ڪونہ پوندس معاف ڪرين تي تہ ڪر، نہ تہ وڃ پنهنجي ماءُ وٽ.“

هي معافي جو طريقو ناهي، جيڪڏهن پلهہ تي وڃي تہ عاجزي، انڪساري، خوشدلي ۽ چڱي ذهن سان معافي گهرڻ ڪپي، ان شاءَ الله الڪريم دل صاف تي ويندي. مرڪي ڳالهائي زندگي گذاريندؤ تہ صحت بہ چڱي رهندي ، گهر بہ آباد ٿيندو، ٻارن جي تربيت بہ سٺي ٿيندي. نہ تہ جيڪڏهن هر ايندڙ ڏينهن جنگِ عظيم ڇڙندي رهي تہ منهن ماري ٿيندي رهي تہ ٻار بہ ويڙهہ ڏسي مارا ماري سکندا. ان ڪري ٻارن تي بہ رحم ڪيو وڃي. جهيڙو جهڳڙو معاف ڪيو، پنهنجي دل صاف ڪريو ۽ معاف ڪرڻ اختيار ڪريو. معاف ڪرڻ پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت مبارڪ آهي.

(مسلم شريف ص1071، حديث: 6592)

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي خون جي پياسن کي به فتح مڪ جي موقعي تي معافي عطا فرمائي ڇڏي هئي. (مرآة المناجيح ، 3/ 93)

قرآن پاڪ ۾ به الله پاڪ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمايو آهي.

| | |
|---|---|
| خُذِالْعَفْوَ (پ9، الاعراف : 199) | ترجموڪنزالعرفان: اي محبوب معاف ڪرڻ اختيار ڪريو |

هميشه ياد رکو ته جڏهن به معافي گهرڻ جو موقعو ايندو ته توهان جي آڏو شيطان ايندو ته ”توهان معافي گهري ته سامهون وارو مٿي تي چڙهي ويندو ته ڏنئي! قصوروار هو تڏهن ته معافي گهريائين آءُ آهيان ئي مظلوم ۽ بي قصور“ هن طرح جا وسوسا ايندا، پر توهان کي شيطان کي ڀڄائڻو آهي چو ته معافي وٺڻ سان عزت گهٽ ناهي ٿيندي بلڪ وڌندي آهي. منهنجو مشورو آهي ته جڏهن هڪ ڀيرو معافي گهري ٿي ته ٻئي ڀيرو به معافي گهري وٺي، بلڪ ٻئي ڀيرو پهرين ڀيرو کان وڌيڪ معافي گهري جيڪڏهن پهرين ڀيرو هٿ ٻَڌي معافي گهري آهي ته ٻئي ڀيرو پيرپڪڙي معافي گهري وٺي. اِنْ شَآءَاللّٰه چڱي طرح دل صاف ٿي ويندي، الله ڪريم اسان جي گهرن کي امن جو گهوارو بڻائي (ملفوظات امير اهلسنت قسط: 72)

**سوال**: گهر ۾ جهيڙا ختم ڪرڻ ۽ خوشگوار محبت ڀريو ماحول بڻائڻ جي لاءِ زال مڙس ڇا ڇا ڪري سگهن؟

**جواب:** هڪٻئي جي سامهون مسڪرائيندا رهن، ڪڏهن منهن نه سجائين، جڏهن به مڙس گهر اچي ته عورت ڊوڙي ڪري دروازو کولي ۽ مرڪندي ”مرحبا، يا welcome“ ڪري پوءِ پڇي ته پاڻي

آڏيان؟ چانهه پيئندؤ؟ جيڪڏهن هو ڪاوڙ ۾ پريل گهر آيو هو ته اهڙي طرح جي (offer) پيشڪش سان ٺڏو ٿي ويندو. مڙس ڪي گهرجي ته ڪڏهن پنهنجي هٿ سان به ڪو ڪم ڪري وٺي، جيئن هڪ اڌ پيايو ڏوئي ورتو يا پاڻي پاڻ اٿي ڪري پيري ورتو وغيره. ائين ڪرڻ سان مڙس جي عزت گهٽبي نه بلڪ زال جي نظر ۾ ان جي عزت اجان وڌندي ۽ هو ڊوڙي اچي چوندي ته توهان رهڻ ڏيو مان ڪري ونان ٿي ۽ هن باري ۾ منهنجو ذاتي تجربو آهي.

اسان جي گهر ۾ الحمد الله! جهڳڙا نٿا ٿين، پر هن جي باوجود جو منهنجي جسماني حالت هاڻي اهڙي ناهي رهي ۽ ڪرسي تان اٿي ڪري ڪنهن شيءِ کي کڻڻ، يا رکڻ منهنجي لاءِ مشڪل ٿئي ٿو، پوءِ به جڏهن ماني ايندي آهي ته مان اڪثر ڪٽي وٺندو آهيان، هو چوندي آهي ته ”رهڻ ڏيو آئون ڪٽي ونان ٿي، مان ڪٽي اجان ٿي“ وغيره. اها ويچاري ڪوتاهي ناهي ڪندي پر منهنجي هن انداز سان دل ۾ خوشي داخل ٿيندي آهي ۽ محبت جو رشتو مضبوط ٿيندو آهي. جيڪڏهن مان order (حڪم) ڏيندو رهان ته” هي ڪٽي ونو، هي ڪريو“ ته اها ڪري ته وٺندي پر ائين ڪرڻ ۾ مونکي مزو نٿو اچي، مونکي جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڪاغذ ڏيڻو هجي ته بجاءِ حڪم ڏيڻ جي ته ”اچي هي ڪاغذ ڪٽي وڃ“ اڪثر مان پاڻ ئي اٿي ڪري ڏئي ايندو آهيان ته اهو ويچارو ڪم ۾ لڳل هوندو، مان ان کي سڏيان هو پنهنجو ڪم ڇڏي ڪري اچي ان ڪان پلو مان ئي اٿي ڪري اچان، ائين ڪرڻ سان جيڪڏهن منهنجي شان ۾ فرق اچي ها ته لڪين مونسان محبت ڪرڻ وارا نه هجن ها ”دانا خاک میں مل کر گل گلزار

ہوتا ہے“ (ملفوظات اميراهلسنت قسط: 76)

**سوال**: مڙس جو رات دير تائين لائٽ ٻاري مطالعو ڪرڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** مڙس کي مطالعي جو شوق آهي ته هي لائٽ ٻاري مطالعو ڪري رهيو آهي ۽ ويچاري زال کي سخت ننڊ اچي رهي آهي پر هن روشني جي ڪري اها سمهي نه ٿي سگهي ۽ ڏند پيهي پئي ته جيڪڏهن مڙس کي چوندس ته لڙائي ٿي ويندي ۽ ڪڏهن ڪڏهن لڙائي ٿي به ويندي آهي ته ائين ڪرڻ هرگز مناسب نه آهي. ياد رکو! ڪنهن ڪمزور يا ماتحت تي ظلم ڪرڻ جي اجازت ناهي، پلي اهو حاڪم ئي ڇو نه هجي. ٻين کي تڪليف ڏئي ڪري پنهنجي آخرت داءُ تي لڳائڻ جي بدران اهڙي جڳهه مطالعو ڪريو جنهن جڳهه ڪنهن کي تڪليف نه ٿئي. (ملفوظات اميراهلسنت قسط 77)

**سوال**: زال پنهنجي مڙس کي چوي ته مان گهٽي پڙهيل لکيل آهيان ۽ تون مونکان گهٽ پڙهيل آهين. ڇا ائين چئي ڪري اها تذليل ڪري سگهي ٿي؟

**جواب:** توبهه، اَسْتَغْفِرُ الله ائين چوڻ سان ته مڙس جي دل ڏکندي ۽ عورت پنهنجو گهر اجاڙي ويهندي. هن وٽ ڪاغذ جي لکيل سند هوندي پر ڪڏهن ڪڏهن مڙس وٽ تجربو هوندو آهي توڙي جو هو پڙهيل نه هجي بهرحال هن ريت ڪنهن کي چوڻ سخت دل آزاري جو سبب ٿئي سگهي ٿو. مان پاڻ وٽ ملاقات جي لاءِ تشريف آڻڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ڏيڻ جي لاءِ رسالو رکندو آهيان ۽ بعض اوقات ائين به ٿيندو آهي ته ڪنهن کي رسالو ڏيڻ لڳندو آهيان ته ٻيو اسلامي ڀاءُ چوندو آهي ته هُن کي اردو نٿي اچي، مون اهڙن کي

سمجهايو آهي ته ائين نه چوندا ڪيو چو ته هن سان سامهون واري جي دل آزاري ٿئي سگهي ٿي، ظاهر آهي پاڪستان ۾ رهندڙن کي اردو نه ايندي هجي ته اها تعجب جي ڳالهه آهي، ها جيڪڏهن اهو پاڻ چئي ته مونکي اردو نه ٿي اچي ته الڳ ڳالهه آهي. مون اهڙا ماڻهو به ڏٺا آهن جيڪي چڱي طرح انگريزي ڄاڻن ٿا، عام پڙهيل لکيل ماڻهو انهن کي ڏسي حيران رهجي وڃي پر اهي اردو کان ناواقف هوندا آهن. (ملفوظات امير اهلسنت ،قسط: 97)

## مڙس کي گار ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال**: زال جو مڙس کي مذاق ۾ گار ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** گار ڏيڻ کي حديث شريف ۾ فسق (گناهه) چيو ويو آهي (بخاري،1/ 30،حديث: 48) جيڪڏهن زال مڙس کي گار ڏني ته هي اجا سخت ٿي ويندو چو ته هن کي مڙس جي تعظيم ۽ اطاعت ڪرڻي آهي چوجو مڙس زال جو بادشاهه ۽ حاڪم آهي. جيئن ته قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي:

اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ (پ5، النساء:34)

ترجموڪنزالعرفان: مرد عورتن تي نگهبان آهن

جڏهن مڙس سندس زال جو حاڪم آهي ته حاڪم جو احترام گهڻو ڪرڻو پوندو آهي لهٰذا عورت مڙس کي گار ڏيڻ کان توبهه ڪري ۽ مڙس کان معافي گهري ۽ آئنده ائين ڪرڻ کان پاسو ڪري.

(ملفوظات امير اهل سنت ،قسط: 52)

**سوال**: زال کي نماز طرف آڻڻ هجي ته ڪهڙو طريقو اپنائڻ گهرجي؟ پڻ زال کي گارگند کان روڪڻ جو ڪو حل به ٻڌائي ڇڏيو (Sms جي ذريعي سوال).

**جواب:** زال کي نرمي، پيار ۽ شفقت سان نماز جي تلقين ڪرڻ گهرجي ۽ نماز پڙهڻ جا فضائل، پڻ نه پڙهڻ جون وعيدون ٻڌائڻ گهرجن. اَلْحَمْدُالله دعوت اسلامي جي مڪتبة‌المَدينہ جو ڪتاب ”فيضان نماز“ موجود آهي، گهر واريءَ کي ويهاري هن مان درس ڏيو ۽ گهر ۾ مدني چينل هلايو، ائين گهر واريءَ جي دل نرم ٿيندي ۽ اِنْ شَآءَالله الڪريم نمازي بڻجي ويندي جيڪڏهن مڙس شور شرابو ڪندو رهندو ته گهر واري ضدي ٿي ويندي ۽ پوءِ مشڪل آهي اها نمازي بڻجي. جيسيتائين گارگند جو تعلق آهي ته مسلمان کي گار ڏيڻ گناهه جو ڪم آهي. (بخاري 4 / 111 حديث: 6044) مڙس ۽ زال ته مسلمان ٿيڻ سان گڏوگڏ قريبي رشتي دار به آهن ۽ انهن جا صلح رحمي جا به معاملات آهن جيڪڏهن مڙس زال کي گار ڏئي ٿو ته ان کي گهرجي ته توبهه ڪري ۽ معافي به گهري، گارگند ته هونئن به چڱي ماڻهو جو ڪم ناهي، جڏهن ته زال ته رفيقہ حيات يعني زندگي جي ساٿي آهي. جيڪڏهن زال مڙس کي گار ڏئي ٿي ته هي اجا وڏي ڳالهه آهي، ڇو ته مڙس جو ان تي وڏو حق آهي، ائين مڙس کي گار ڏيڻ اجا وڏو جرم ٿي ويو، اهڙي صورت ۾ زال کي کپي ته توبهه ڪري ۽ مڙس کان به معافي وٺي گارگند خراب ماڻهن جو ڪم آهي، گار ڏيڻ واري کان ماڻهو به نفرت ڪندا آهن. ڪي گار ڏيڻ وارا هي سمجهندا آهن ته ماڻهو انهن کي سلام ڪن ٿا

حالانڪ اهي سلام ان ڪري ڪَرِي رهيا هوندا آهن ته جيئن اهي تنهنجي شر کان بچندا رهن ته ”يار! هن کي منهن ڪير ڏيندو! بس سلام ڪري ورتو ۽ نڪري وياِ، گار ڏيڻ وارن کي توبهه ڪرڻ گهرجي ۽ چوته گار ڏيڻ سان سامهون واري جي دل به ڏکندي آهي، انڪري جنهن کي گار ڏني آهي ان کان معافي به گهري وٺو. (ملفوظات اميراهلسنت قسط 230)

**سوال**: بدگماني ۾ پئجي وڃڻ ۽ حسن ظن نه رکي سگهڻ جا اسباب بيان فرمايو؟

**جواب:** هن جا مختلف اسباب ٿين ٿا، جيئن ته هن بابت ديني مطالعي جي ڪمي هئڻ، ماحوليات جو اثر، بري صحبت، سمجهائڻ وارن جي گهٽتائي ۽ سڀ کان وڏيڪ ته بدگماني سان ٿيڻ وارن نقصانن جي طرف توجهه نه هئڻ، ڪڏهن ڪڏهن بدگماني خون خرابو به ڪرائي ڇڏي ٿي يا گهر ئي اجاڙي ڇڏي ٿي.

جيئن جيڪڏهن مڙس زال سان بدگماني ڪري ته ان جي نتيجي ۾ ٻئي هڪٻئي تي شڪ ڪندا ۽ ڳالهه لڙائي جهڳڙي بلڪ ان کان به اڳتي وڌي ويندي ۽ ائين پورو گهر تباهه ٿي سگهي ٿو. اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فتاویٰ رضويه ۾ فرمائن ٿا: ”بدگماني ريا کان گهٽ حرام نه آهي“ (فتاوی رضويه 323/5)

اسان کي ته هر مسلمان جي باري ۾ حسن ظن رکڻ گهرجي مسلمان جي هر عمل کي چڱي گمان تي محمول ڪرڻ يعني ان جي باري ۾ سنو گمان قائم ڪرڻ واجب آهي. (فتاوی رضويه 324/5 ماخوذاً) ائين ئي بخاري شريف ۾ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان هڪڙو واقعو مروي آهي ته حضرت عيسیٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ ڪنهن چوري ڪئي ته

پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام انکي فرمايائون: ڇا تو چوري ڪئي آهي؟ هن چيو الله جو قسم مون چوري ڪونہ ڪئي آهي. حالانڪ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي اکين سان ان کي چوري ڪندي ڏٺو هئائون، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام تي خوف خدا جو غلبو ٿيو ۽ پاڻ فرمايائون: آئون مڃان ٿو منهنجي اکين ڌوڪو کاڌو آهي. (بخاري 458/2 حديث 3444)

اسان کي بہ گهرجي تہ ٻين مسلمان جي لاءِ حسن ظن قائم ڪريون ۽ بدگماني کان بچون. (ملفوظات امير اهلسنت ، قسط: 122)

**سوال**: بعض ماڻهو چوندا آهن تہ عورت کي چنڊ جي مبارڪ نہ ڏيڻ گهرجي ڇا هي درست آهي؟ (سوشل ميڊيا جي ذريعي سوال)

**جواب:** جيڪڏهن ڪو مقدس مهينو آهي جيئن اسان وٽ ماهِ جشن ولادت جو چنڊ هوندو آهي تہ ربيع الاول جي مبارڪباد ڏيندا آهيون، جيڪڏهن مبارڪ ڏيڻ وارو مَحۡرَم آهي تہ مبارڪ ڏئي سگهي ٿو جيئن پاءُ ڀيڻ کي پٽ ماءُ کي ۽ مڙس زال کي مبارڪباد ڏئي سگهي ٿو (ملفوظات امير اهلسنت، قسط: 85)

**سوال**: ڇا عورت عدت ۾ مدني چينل ڏسي سگهي ٿي؟ (SMS جي ذريعي سوال)

**جواب:** عورت عدت ۾ مدني چينل ڏسي سگهي ٿي. (مدني مذاڪري ۾ شريڪ مفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن عورت عدت ۾ مدني چينل گهر جي اندر ئي ڏسي ٿي تہ جن صورتن ۾ ٻين اسلامي ڀينرن کي ڏسڻ جي اجازت آهي تہ انهن صورتن ۾ هيءَ بہ مدني چينل ڏسي سگهي ٿي.

مدني چينل ڏسڻ جو عدت سان ڪو بہ تعلق نہ آهي جو هن جي ڪري عدت ۾ ڪو فرق پوندو هجي. عدت اصل ۾ هڪ وقت جو

نالو آهي جيڪو طلاق يا موت جي صورت ۾ شروع ٿئي وڃي ٿو. عدت ۾ بنيادي طور تي ٻه حڪم هوندا آهن هڪ هي ته بلا ضرورت شرعي گھر کان ٻاهر نڪتي وڃي سگھي. ٻيو هي ته زينت يعني سينگار، ميڪ اپ وغيره ڪرڻ عورت جي لاءِ ممنوع ٿي وڃي ٿو.
(بهار شريعت 2/242، 244 حصو 8 ماخوذا) (ملفوظات امير اهلسنت ، قسط: 36)

## مڙس خرچو نہ ڏي تہ گھرواري ڇا ڪري؟

**سوال**: جيڪڏهن مڙس اخراجات نہ ڏي تہ گھر واريءَ کي ڇا ڪرڻ گھرجي (Sms جي ذريعي سوال)؟

**جواب:** زال کي خرچ پکو، ڪاڏو ۽ مڪان ڏيڻ مڙس تي واجب آهي، نہ ڏيندو تہ گنهگار ٿيندو. (جوهرة نيّره 118/2)

هي سيئي شيون نہ ڏيڻ تي گھر واري مقدمو بہ ڪري سگھي ٿي، قاضي ان کي ان جو خرچ ڏياريندو. (بهار شريعت، 269/2 حصو:8)

پر هاڻي اهڙو انداز ناهي رهيو. انڪري اهڙي صورت ۾ پاڻ گڏجي خاندان وارا طئي ڪري وٺن ۽ ترڪيب ڪن. جيڪڏهن مقدمو (case) ڪندا تہ گھر اُجڙي ويندو ۽ سيئي مشڪل ۾ پئجي ويندا، گڏوگڏ رسوائي ۽ بدنامي بہ ٿيندي.

مڙس کي بہ گھرجي تہ پنهنجي گھر واريءَ جا اخراجات جنهن کي پورو ڪرڻ جو شريعت چيو آهي انهن کي پورو ڪري.

(ملفوظات امير اهلسنت، قسط 88)

**سوال**: جڏهن مڙس تنگدست هجي تہ زال کي ڇا ڪرڻ گھرجي؟

**جواب:** مڙس جي حوصلا افزائي ڪري ۽ تسلي ڏي تہ اوهان فڪر نہ ڪيو. اهڙي موقعي تي فرمائش نہ ڪري، چوتہ فرمائش بہ آزمائش

۾ وجهي ڇڏي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن مڙس حرام جي طرف رخ ڪري ويهندو آهي. زال جيڪڏهن مڙس کي Free Hand ڏئي (روڪ ٽوڪ نه ڪري) تہ مڙس کي سڪون ملندو ۽ هو Free tension (ذهني دٻاءُ کان فارغ) ٿي رهندو، الله پاڪ ڪندو تہ برڪتون ٻہ اچي ٿيون وينديون پنهنجي نصيب ۾ جيڪا روزي هوندي اها ملي ڪري رهي ٿي عوامي محاورو آهي تہ: هر ٻهاني روزي ۽ هر ٻهاني موت آهي.

(ملفوظات امير اهلسنت قسط 66)

## گهرواريءَ جي ميراث ۾ مڙس جو حصو

**سوال**: جيڪڏهن زال فوت ٿي وڃي تہ ان جي مال منجهان مڙس کي ڇا ملندو؟

**جواب:** گهر واري فوت ٿي وڃي تہ ان جي مال مان سڀ کان پهرين سنت جي مطابق تجهيز و تڪفين ۽ تدفين جو اهتمام ڪيو وڃي، پوءِ ان تي قرض هجي تہ اهو ادا ڪيو وڃي، پوءِ جيڪڏهن هن ڪا جائز وصيت ڪئي آهي تہ ان جي مال جي ٽئين حصي مان ان جي وصيت کي پورو ڪيو وڃي، پوءِ ان کان بعد جيڪو مال بچي وڃي ان مان مڙس کي حصو ملڻ جون ٻہ صورتون آهن جيڪڏهن گهر واريءَ جو پٽ ڌي يا پوٽو يا پوٽيءَ منجهان ڪير نہ هجي تہ هن صورت ۾ مڙس کي ڪُل مال جو چوٿون حصو ملندو جيئن تہ سيپارو 4 سورة النساءِ جي آيت نمبر 12 ۾ خدا رحمان جو فرمان عاليشان آهي.

| | |
|---|---|
| وَ لَكُمْ نِصْفُ مَا تَرَكَ اَزْوَاجُكُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهُنَّ وَلَدٌ ۚ فَاِنْ كَانَ لَهُنَّ وَلَدٌ | ترجموڪنزالعرفان: ۽ توهان جون زالون جيڪو(مال) ڇڏي وڃن جيڪڏهن انهن جو اولاد نہ هجي تہ ان |

| | |
|---|---|
| فَلَكُمُ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْنَ مِنْۢ بَعْدِ وَصِيَّةٍ يُّوْصِيْنَ بِهَآ اَوْ دَيْنٍ ؕ (پ4، النساء:12) | مان توهان جي لاءِ اڌ حصو آهي پوءِ جيڪڏهن انهن جو اولاد هجي ته انهن جي وراثت مان توهان جي لاءِ چوٿائي حصو آهي(هي حصا) ان وصيت کان بعد(ٿيندا) جيڪا انهن ڪئي هجي ۽ قرض(جي ادائيگي)کان بعد(ٿيندا) |

(ملفوظات امير اهلسنت قسط 17)

**سوال**:ڇا مڙس کي زال جي هر خواهش پوري ڪرڻ لازمي آهي؟ [1]

**جواب:** قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| اَلرِّجَالُ قَوّٰمُوْنَ عَلَى النِّسَآءِ (پ5، النساء:34) | ترجموڪنزالعرفان: مرد عورتن تي نگهبان آهن |

ته مرد حاڪم آهي. تنهنڪري عورت کي مرد جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻي آهي. ان جي بدران جيڪڏهن عورت چاهي ته مڙس منهنجي مجي ۽ منهنجو فرمانبردار هجي ته هي درست نه آهي. جائز درخواستون ۽ فرمائشون مثلاً: طرح طرح جي کاڌن، نئين ڊزائين جي ڪپڙن وغيره وغيره جي طلب پوري ڪرڻ مڙس تي واجب نه آهي. واجب صرف خرچ پکو وغيره آهي البته جيڪڏهن مڙس بيون فرمائشون پوريون ڪري ٿو ته هي گهر واريءَ تي احسان ٿيندو. ڇو ته هي ثواب جو ڪم آهي تنهنڪري مڙس کي حتى الامکان جائز خواهشون پوريون ڪرڻ گهرجن.

(ملفوظات امير اهلسنت قسط 24)

---

[1] (هي سوال شعبہ فيضان مدني مذاڪره طرفان ڪيو ويو آهي جڏهن ته جواب اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو عطا ڪيل آهي. (شعبہ مدني مذاڪرو)

**نوٽ:** غيبت جون درج ذيل مثالون اميراهلسنت جي ڪتاب”غيبت جون تباھ ڪاريون“ مان نقل ڪيون ويون آھن جن کي ھن مناسبت سان ھتي شامل ڪيو پيو وڃي تہ اھي ڳالھيون نہ صرف زال مڙس جي دنياوي زندگي ۾ زھر پريندڙيون آھن بلڪ انھن جي اُخروي زندگي جي لاءِ بہ نقصان ۽ خساري جو سبب آھن.

## ”غيبت ناجائز ۽ حرام آھي“ جي سترن حرفن جي نسبت سان مائٽن ۾ وڃي ساھرن جي متعلق ڪيون ويندڙ غيبت جون 17 مثالون

❁ سَسُ ھر وقت منھن سُجايو ويٺي ھوندي آھي ❁ ڳالھ ڳالھ ۾ ڪيڙا ڪڍندي آھي ❁ منھنجو رڌپچاءُ ان کي پسند ئي نہ ايندو آھي❁ منھنجي طبيعت خراب ھوندي آھي تہ سَسُ چوندي آھي تہ بھانا تي ڪري ❁ ٻيءَ ننھن کي ڏاڍو چاھي ٿي، مون سان ڏارين وارو سلوڪ چوتي ڪري؟ ❁ ڏاڍي نَھنِي ۽ سخت طبيعت جي آ ❁ مون تي ھر وقت پنھنجو حڪم پئي ھلائيندي آ ❁ مڙس کي منھنجي خلاف ڀڙڪائي ٿي ❁ سَسُ مون کان ڪم ڏاڍو تي ڪرائي ۽ پاڻ سجو ڏينھن ھنڌ تي پئي ھوندي آ ❁ ماءُ ڌيءُ ملي ڪري منھنجون گلائون ڪنديون رھنديون آھن ❁ سَسُ مڙس کي منھنجي خلاف ڪري چڙيو اٿس ❁ ھاڻي مان ان کي سونُ تي بہ ڏيکاريان تہ بہ ھو مونکي پيرن جي جُتي ئي سمجھندو ❁ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان جو اِنتِظار ڪندي آھيان، اچڻ سان ئي مُنھن سُجائي ويھي رھندو آھي ❁ ان جي سڪيلڌي طلاقڻ ڀيڻ جون بہ خدمتون ڪرڻيون

پوندیون آهن ❁ منهنجي فلاڻي طلاقڻ ٺِٺان ڏاڍي ڳالهائڻي آهي ❁ طلاق ورتئين، پر زور نہ ويس ❁ بڌو آهي تہ ان پنهنجي مڙس کي هڪ ڏينهن بہ سُک نہ ڏنو هو. آخر ويچارو طلاق نہ ڏئي ها تہ ڇا ڪري ها .

## ”مسلمان جي بي عزتي ڪرڻ حرام آ“ جي ٻاويهہ اکرن جي نسبت سان ساهرن جي غيبت جون 22 مثالون

❁ منهنجي پيڻ کي ان جي سَسُ تنگ ڪندي آهي ❁ پيٽوپو گهر جو خرچ نہ ٿو ڏئي ❁ ڪمائي سڀ ماءُ کي ڏئي ٿو ڇڏي ❁ نياڻو منهنجي ڌيءَ تي ظُلم ٿو ڪري ❁ پنهنجي ماءُ جي ڳالهين ۾ اچي هر هر گهر مان ڪڍڻ جا دڙڪا ٿو ڏئي❁ ماءُ جي چَوَڻ تي ڳالهہ ڳالهہ تي ماري ٿو ❁ طَلاق جون ڌمڪيون ٿو ڏئي ❁ رات ديرتائين گهر کان ٻاهر ٿو رهي ❁ ڏينهن جو دير تائين سُتو پيو هوندو آهي ❁ هڏ حَرام آهي ❁ بي عورت جي چڪر ۾ آهي ❁ ان جا دوست سنا ناهن ❁ بڌو آهي تہ نَشو وغيره بہ ڪري ٿو ❁ اسان کي ڏاڍي نِياڳي ماٺهو سان نِياڻو پئجي ويو آهي.❁ يعني بس ائين ئي آهي ❁ زهريلو نانگ آهي ❁ ان جي دل ۾ دَغا آهي ❁ بيوقوف ❁ چَٽ ❁ پڪو جاهل آهي ❁ پٽ جي سَسُ جادوگرياڻي آهي ❁ ننهن تعويذ ڌاڳا ڪرائي منهنجي پٽ کي پاڻ ڏانهن ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري پٽ منهنجي هڪ بہ نہ ٿو ٻُڌي

## ”غيبت ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينھن ڪتي جي شڪل ۾ ايندو“ جي ستٽيھ حرفن جي نسبت سان مڱڻي يا طلاق ٿيڻ تي ڪئي ويندڙ غيبتن جون 37 مثالون

ڪڏھن مڱڻو ختم ٿئي يا طلاق ٿي وڃي تہ گھڻو ڪري شيطان بنھي ڌرين کي ڪَن پڪڙي ميدان ۾ آڻيندو آھي ۽ اھڙو ڪم ڪرائيندو آھي جو **اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ** !!! غيبتن، تُھمتن، الزام بازين، عيب کولڻ، دل آزارين، بدگمانينءِ خراب ڳالھين جو ھڪ طوفان مچي ويندو آھي، ھر خوبي بہ ”عيب“ بڻجي ويندي آھي، ھر ڌُر پنھنجو پاڻ کي ”مَظلُوم“ ثابت ڪرڻ جي لاءِ ھڪبئي کان وڏي ۾ وڏو ڪوڙ ڳالھائيندي آھي. جيتوڻيڪ سالن کان گھر ھلي رھيو ھوندو آھي، پر جڏھن بن خاندانن ۾ ”جھيڙو“ ٿيندو آھي تہ مُخالِف ڌُر کي **مَعَاذَللّٰه** ”بدعقيدي“ وارو تائين چيو ويندو آھي . اھڙن موقعن تي ٿيندڙ غيبتن جا 37 **مثال** پيش ڪجن ٿا: چوڪريءَ وارن جي طرفان غيبتون ❁ شرابي ❁ جُواري ❁ لُچُو ❁ ڪَمِيڻو ❁ رولو ❁ لَوفر ھو ❁ 420 ھو ❁ ڪمائيندو نہ ھو ❁ گھر ۾ خرچ نہ ڏيندو ھو ❁ سڀ پئسا ماءُ جي ھٿ ۾ ڏيندو ھو ❁ ان ڪڏھن بہ گھر کي گھر نہ سمجھيائين ❁ سَسُ ماني نہ ڏيندي ھئس، ان ڪري چوڪِري پنھنجو ڪائيندي ھئي ❁ ڏاڍو ظالم انسانن سان واسطو پيو ھو ❁ قاسي ويا ھئاسين ❁ وڏي مُشڪل سان جان ڇُٽي آھي ❁ اسان جي چوڪِريءَ کي بنا ڏوھ جي ماريندو ھو❁ اسان جي سامھون **ڏاڍو آڪڙ پيو** ڪري ❁ ان جو سڄو ڪُٽنب ڪميڻو ھو، اسان جي مِعيار جا ماڻھو نہ ھئا ❁ اسان جي چوڪريءَ تي پھاج آڻڻ پيو چاھي

۞ اسان کي اُٿڻ مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳو هو ۞ اسان جي ڇوڪرِيءَ کي بَدنام ڪرڻ شروع ڪيو هئائين ۞ ڪميٽي آخر پنهنجي ذات ڏيکاري،

**ڇوڪري وارن جون طرفان غيبتون:** ۞ ڇوڪريءَ جي چال چلت صحيح نہ هئي ۞ تمام گهڻا عاشق پيدا ڪري رکيا هئائين ۞ گهر ۾ زبان ڏاڍي هلائيندي هئي ۞ ان جي ماءُ ڪاڏو پچائڻ بہ نہ سيکاريو هئس ۞ ٿانوَ مَلڻ بہ نہ ايندا هئس ۞ ڪپڙا بہ صحيح نہ ڌوئي سگهندي هئي ۞ ڏاڍي جهيڙاڪ هئي ۞ چوريون ڪندي هئي ۞ تعويذ ڌاڳا ڪرائيندي هئي ۞ جادوگرياڻي هئي ۞ ڏائڻ هئي ۞ اسان جي گهر جو آرام برباد ڪري ڇڏيو هئائين ۞ ان جي ماءُ گهر اچي اسان کي پِٽي هلي وئي هئي ۞ اسان کي ان بدنام ڪري ڇڏيو آهي ۞ اسان غريب سمجهي ان تي رحم ڪيو هو پر ان جو دماغ آسمان تي پهتل هو وغيره وغيره.

## گهر جي ڳالهہ ٻاهر ڪرڻ وارو گهٽ ذات آهي

اللّٰہ کان خير ۽ هدايت جي دعا آهي، يقيناً جيڪو غيبتون وغيره ڪندو آهي اهو ڏاڍو خراب انسان آهي. اچو! مان اوهانکي هڪ سُٺي انسان جي حڪايت پيش ڪيان ٿو: جيئن تہ هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ صاحبِ راز (يعني: پيٽ جو مضبوط ماڻهو) جو نڪاح ٿيو پر ٻنهي جي وچ ۾ ذهني يَڪسَانِيّت گهٽ هئي، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ان جي دوست کي ان ڳالهہ جي خبر پئجي وئي، ان پڇا ڪيو تہ توهان جي گهر جو ڇا مسئلو آهي؟ ان صاحبِ راز جواب ڏنو: تہ مان ايترو ڪم ذات ناهيان جو گهر جي ڳالهہ ڪنهن کي ٻڌايان! خير هن ڳالهہ کي ڪجهہ ڏينهن گذريا

آخرڪار گهر هلي نہ سگهيو ۽ طلاق ڏيٽي پيس. جڏهن ان جي دوست کي خبر پئي تہ چيائينس تہ هاڻي تہ هوءَ توهان جي زال ناهي رهي، ٻڌاءِ ڇا مسئلو هو؟ ان سمجهدار شخص جواب ڏنو: تہ هاڻي تہ اها منهنجي لاءِ غير عورت ٿي چڪي آهي ۽ ڪنهن غير عورت جي متعلق مان ڪيئن ڳالهايان؟

الله ہم کو فضل سے عقلِ سلیم دے        شرم و حیا طُفیلِ رسولِ کریم دے

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ


هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”**مدني انعامات**“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”**مدني قافلن**“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل








عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net